SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX، مجريه 1974

# SINDH ACT NO.XX OF 1974

# اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلس (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974

# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ACT, 1974

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement.

2. اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي ڇهين شيڊول جي ترميم.
Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance, XIX of 1965.

3. سنڌ آرڊيننس XIV مجريه 1974 جي منسوخي.
Repeal of Sindh Ordinance XIV of 1974.

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX، مجريه 1974
# SINDH ACT NO.XX OF 1974
# اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلس (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1974
# THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ACT, 1974

[9 نومبر 1974]

هن ايڪٽ جي توسط سان اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلس ايڪٽ 1965، ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

تہ جيئن هن کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل بڻايو وڃي.

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي توسط سان اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلس ايڪٽ 1965 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي. تہ جيئن هن کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل بڻايو وڃي.

هن ۾ هن ريت تبديلي آندي ويندي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلس 1965 وارو ايڪٽ (سنڌ ترميم) چيو ويندو.

(2) هي هڪدم لاڳو ٿيندو.

اولهه پاڪستان آرڊيننس XIXمجريہ 1965 جي ڇهين شيڊول جي ترميم.
Amendment of the Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance, XIX of 1965

2. اولهه پاڪستان موٽر وهيڪلس آرڊيننس، 1965 جي ڇهين شيڊول جي آخر ۾ ”نوٽ“ کي ”نوٽ 1“ لکيو ويندو ۽ هيٺ ڄاڻايل نوٽ نمبر 2 طور شامل ڪيو ويندو.

”نوٽ 2“: ڪراچي ضلعي جي صورت ۾ جڏهن ”A“ کان ”Z“ تائين سموري سيريز نمبر 1 جي تحت ختم ڪئي

وئي آهي تہ حرفن جو ٻيو گروپ ٻڌايو ويندو ۽ ان کي هيٺ ڄاڻايل طريقي سان رجسٽريشن مارڪس جي طور استعمال ڪيو ويندو:

KCC پرائيويٽ ڪارن لاءِ.

KCJ جيپن لاءِ.

KCS اسٽيشن ويگنن يا ان جهڙين گاڏين لاءِ.

KCB بسن لاءِ.

KCT ٽرڪن لاءِ.

KCX ٽيڪسين لاءِ.

KCY اسڪوٽر ۽ موٽرسائيڪلن لاءِ.

KCR رڪشا موٽرسائيڪل لاءِ.

KCL متفرقہ گاڏين لاءِ.

جهڙيءَ طرح ٽريڪٽرن ۽ ڪرين، وغيره.

3سنڌ آرڊيننس XIV مجريہ 1974 جي منسوخي.
Repeal of Sindh Ordinance XIV of 1974.

3. هن سان اولهہ پاڪستان موٽر وهيڪلس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.